# هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو

## (ٻولي اسان جي سڃاڻپ)

(سنڌي ٻوليءَ جي صورتحال عالمي ڪانفرنس ۴-۵-۶ ڊسمبر ۲۰۱۵ع ڪراچي)

وينا شرنگي

مان سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي ٿورائتي آهيان جنهن مونکي هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو- ان موضوع تي مقالو پيش ڪرڻ جي نينڊ ڏني،سنڌي ٻوليءَ جي آئيندي بابت مختلف حقيقتن جي مدي نظر صورتحال کي اوهان اڳيان پيش ڪنديس. تڏهن ئي صحيح صورتحال جي اسان کي ڄاڻ پوندي. ماڻهن جي ڄاڻ سندن رهڻي ڪرڻي ۽ ڳالهائڻ واري ٻوليءَ مان پوندي آهي. هند سنڌ جي ميا ناز شاعر نارائڻ شيام سنڌي ٻوليءَ لاءِ پنهنجي جذبات جو اظهار ڪندي فرمائيو آهي : - ڄاڻ ماڻهن جي پوي صاف سندن ٻوليءَ مان

شيام ڳالهائجي ٿي سنڌي جتي،سنڌ اُتي
سنڌ کي ڪون ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان
سنڌ سنڌين ۾ وسي،سنڌ هٿي ،سنڌ هِتي(ترائيل - شيام)

هندسنڌ ڇاپرولائت جت جت سنڌي آهن سنڌي ٻولي ڳالهائجي ٿي سنڌ اُتي وسي ٿي. پر مونکي هند۾ سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو ان موضوع کي اڳيان رکڻو آهي. ذهن ۾ ڪئي ويچار اُڀرن ٿا،جن تي پنهنجي سوچ ،تجزيئي،حقيقتن ۽ آبزرويشن جي آ ڌار تي ڪن پهلوئن کي ڪٿي پنهنجي ڳالهه چوڻ چاهينديس.شاهوڪار بڻ بُنياد جي باوجود اڄ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو ڇو گهٽجندو ٿو وڃي ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ من ۾ ڪئي سوال اُڀرن ٿا اڳي ٻول چال ۽ ڪاروبار هلائڻ لاءِ سنڌ۾ اها مددگار رهي.پر هند ۾ ٻين جاتين ۽ وڻ وڻ جي ڪاٺين سان لهه وچڙ ۽ رابطي ڪري اهو فارمولا هند ۾ اسان جي ٻوليءَ سان لاڳو نه ٿو ٿئي،جو الڳ الڳ مڪاني ڀاشا ۽ ڪلچر جو اثر پوي ٿو.

ٻار جڏهن ڄمي ٿو ته ماءُ جي ممتا،پيار ڀري لولي ان جي ڪنن ۾ پوي ٿي.اڄ جي دور ۾ ممتا جو روپ ته ساڳيو آهي پر لولي ۽ ٻولي جا ٻول بدلجندا ٿا وڃن،عورت گهر کان ٻاهر روزي روٽي ڪمائڻ خاطر نڪري ٿي نوڪري ڪندڙ عورت جو هڪ کان وڌيڪ ٻولين ڳالهائيندڙن سان واسطو پوي ٿو.هندي، انگريزي ،پنجابي، گجراتي يا جنهن صوبي ۾ رهي ٿي اُتي جو اُن تي اثر پوي ٿو.مان پنهنجي مقالي کي ٽن دورن ۾ ورهايو آهي.هڪ ورهاڱي کانپوءِ هند ۾ اچي آباد ٿيڻ پيو - اُن بعدوارو عرصو ۽ ٽيون موجود دور. ان پسمنظر تي نظر وجهڻ لازمي آهي .

(۱) ورهاڱي بعد لڏي هند۾ آيل سنڌين طرفان مُشڪل حالتن کي مُنهن ڏيڻ جي باوجود سنڌي اسڪول ۽ ڪاليج کولڻ ،سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ، رات جو

(۴) ڪن سنڌي سيکاريندڙ اُستادن جو، خود جو سنڌي ٻوليءَ جو معيار تسلي بخش نہ هئڻ جنهن جو اثر شاگردن تي پوڻ لازمي آهي، سفارشي ڊگريون حاصل ڪندڙ اڳتي هلي ان کي ڪيترو اوچ ڏياريندا اُهو سمجهي سگهجي ٿو.

(۵) اهڙين حالتن ۾ سنڌي اسڪولن جي معيار جو تصور سرڪاري اسڪولن جي پڙهائي ۽ حالتن سان ڀيٽڻ جنهن ڪري، شاهوڪارن جي ڳالهہ تہ پري رهي پر ڪومچي وارو بہ پنهنجي ٻار کي ڪانوينٽ اسڪول ۾ پڙهائڻ جي خواهش رکي ٿو.۽ سنڌيءَ کان پري ٿا ڀڄن.

(٦) سنڌي سماج الڳ الڳ طبقن ۾ ورهائيل نظر ايندو. هڪڙا اولهہ جي ڪلچر جي گرفت ۾ تہ ٻيا ناٽو ڪمائڻ ۾ مگن. ليڪڪن ۾ بہ هڪ نہ بلڪ ڪئي طبقا ۽ گروهہ. دهليءَ ۾ جهولي لعل جا ميلا لڳائڻ ۽ ڏنڌو ڏاڙي ڪرڻ وارا سنڌي سبزي منڊيءَ وارو طبقو هڪ طر ف تہ ٻئي طرف احساسي برتيءَ (سُٺوپيرريارٽي ڪامپليڪس) رکندڙ طبقو، ڪئي ڀيرا من ۾ ويچار آيو تہ انهن آزمودن تي ٽيل آف ٽو سٽيز ڪهاڻي لکان.

ڪن انگن اکرن کي اڳيان رکٽو پوندو. سنڌي اسڪولن ۾ سنڌي تعليم ڏني وڃي ٿي يا نہ؟ سنڌي ادب پڙهڻ يا لکڻ ۾ ڪيتري دلچسپي آهي؟. ڪتابن جو وڪرو ٿئي ٿو يا نہ ؟ گهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ ڳالهائي وڃي ٿي يا نہ؟ اهي چند سوال مقالي لکڻ وقت منهنجي ذهن کي ور ور ڪري جهنجهوڙيندا رهيا. ڀارت جي الڳ الڳ شهرن ۾ هلندڙ سنڌي ميڊيم وارن هلندڙ اسڪولن يا وري سنڌي مئنيجمينٽ پاران تعليم جي ڪيتر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪيترو ڪمُ ٿي رهيو آهي؟. جنهن مان هندوستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو - ان موضوع سان انصاف ڪري سگهبو.

منهنجو ڀارت جي الڳ الڳ شهرن ۾ ڪڏهن سيمينارن جي حوالي ڪڏهن ڪن ادارن جي صلاحڪار بورڊ جي ميمبر طور تہ ڪڏهن وري ريڊيو جي او. بي. براڊڪاسٽ يا انٽرويز ڪرڻ جي حوالي سان وڃڻ ٿيندو رهيو آهي. ڪوشش اها رهي جتي وڃڻ ٿئي وڃڻ ٿئي اُتي ڪن اسڪولن جو دورو ڪريان، مهاراشٽرا ۾ پوني پمپري، ممبئي اُلهاسنگر يا مڌيہ پرديش ۾ بئراڳڙهہ ڀوپال، انبور، راجستان ۾ جئپور، اجمير، بئياور، گانڌيڌام ڪڇ ڀڄ يا وري يوپي ۾ لکنو ، وارنسي ۽ آگري شهرن جي اسڪولن جي ماسترن سان ملاقات ڪئي. سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو ان سلسلي ۾ اهو چوڻ چاهيندس جيئن چانورن جي ديگ مان هڪ داڻو ڪڍي ڏسبو آهي تہ چانور ڳريو آهي يا، ان آڌار تي ڀارت جي ڪن صوبن مان سنڌي ٻولي لکڻ پڙهڻ يا ڳالاهي وڃي ٿي يا نہ ان جو جائزو ورتو. دهليءَ ۾ بہ اسڪول آهن هڪ بابا نيراج اسڪول ٻيو ساڌو واسواڻي انٽرنئشنل گرلس اسڪول

ٽيون سنڌي مئنيجمينٽ جو انگريزي اسڪول هيمناني پبلڪ اسڪول ٻيا اسڪول بند ٿي ويا هڪ پُراڻي دهليءَ ۾، لوڌي روڊ وارو اسڪول هڪ اسان جي تڪ ۾ نيو راجيندر نگر ۾ سنڌي اسڪول نالي ۾ غير سنڌين حوالي سنڌي ٻولي پڙهڻ وارا شاگرد ۽ استاد نه آهن اهي بند ٿي ويا. ساڌو واسواڻي انٽرنئشنل گرلس اسڪول جتي ٽيهه کن سنڌي ڇوڪريون هونديون ميڊيم انگريزي آهي سنڌي سبجيڪٽ سنڌي ڇوڪرين لاءِ آهي.

گجرات:- احمدآباد ۾ شروع ۾ پرائمري سنڌي اسڪولن جو تعداد هڪ بزرگ استاد طرفان ڄاڻ ملي صلغ پئنچائتن طرفان ۽ ميونسپل ڪارپوشن طرفان هلندڙ اسڪولن جو پنجتاليهه-هئا (شروعاتي دور) هن وقت سنڌي اسڪولن ۾ سنڌي کان وڌيڪ انگريزي ۽ گجراتي ميڊيم هلي رهيو آهي. ٻه سنڌي هاءِ اسڪول هڪ ڪُٻير ننگر ۾ ايم.جي.ايڇ.ايس اسڪول ۽ سردار ننگر ۾ سي.جي.ايڇ .ايس ۾ عربي سنڌي پاڙهي وڃي ٿي .اهي چند سالن تائين هلي سگهندا ڇوجو اتي هر سال هڪ درجو گهٽجي رهيو آهي. سنڌي ماڊرن اسڪول بند ٿي ويو آهي. آدرش اسڪول ۽ ايم.ڊي .اسڪول (مهرشي ديانند اسڪول) ٻه بند ٿي ويا آهن. ٻين اسڪولن ۾ گجراتي ۽ انگريزي ميڊيم هلي پيو.

ويراول : - سوامي شانتي پرڪاش اسڪول ٢٠٠٠ع ڌاري بند ٿي ويو.

جيتپور : - ڪمري ٻائي هاءِ اسڪول ١٩٩٨ع ڌاري بند ٿي ويو .انهن ٻنهي اسڪولن ۾ عربي لپي ۾ تعليم ڏني ويندي هئي.

اسڪولن کولڻ لاءِ اين.آر.اي.ڊونيشن ڏيڻ لاءِ تيار آهن پر سنڌي اسڪولن جي نالي تي کولڻ وارا اسڪول انگريزي ،هندي يا گجراتي ،مرائي پيا پاڙهين. نالي ۾ سنڌي اسڪول ڪيترا سنڌي اسڪول بند ٿي ويا آهن . جڏهن يوپي آگري مان ڄاڻ حاصل ڪرڻ چاهي ته جواب مليو آڪسيجن تي هلي رهي آهي سنڌيءَ جو آئيندو انڌڪار وارو آهي. شاگرد نه ٿا پڙهن جيڪي جهونا ٽيچرهئا سي رٽائر ٿي ويا جيڪي نوان آهن تن کي خود سنڌي نه ٿي اچي. اُترپرديش جي سيني شهرن جو اهو حال آهي ها باقي ڌارمڪ لحاظ کان جهوليلا جا ميلا ۽ سرگسوس وڏي پئماني تي نڪرن ٻئي طرف مديه پرديش جي گواليئر مان جواب مليو ٽيچرس کي خود سنڌي نه ايندي آهي ها باقي دتيا ۾ سنڌي ماڻهو سنڌي ڳالهائين ٿا گواليئر ۾ ٽيچرس سنڌي ڳالهائين پر تعليمي ۽ ادبي لحاظ کان اُن تي ڪرو نه ٿا ثابت ٿين ڪن سان وري فون ذريعي رابطي ڪرڻ بعد جيڪي انگ اکر حاصل ٿيا ، سي اوهان آڏو پيش ڪرڻ چاهينديس (ص : ۴ اي ۽ ۴ بي) (P.No 4 A-B)

پڙهڻ جي ڪا عمر ڪون ٿيندي آهي، اڄ ريڊينگ هيبٽ وڃن ٿيون گهٽ ٿينديون. بنگالي عورت سمهڻ کان پهرين جيستائين ربيندر سنگيت نه ٻڌنديي يا معغزين نه پڙهندي

تيستائين كيس ننڊ نہ ايندي. سنڌي ننڊي ٿهي تہ ڇڏيو پر وڏا بہ وقت جي تنگي كري كون پڙهن ٿا ،لكڻ پڙهڻ كان كيٻائين ٿا يا كنارو كن ٿا ،جو وندرجا ٻيا كيترا ذريعا ٿي ويا آهن. انكري ئي كو سركاري ادارو جهڙوك نئشنل بك ٽرسٽ(اين.بي.ٽي) وغيره سنڌي ٻوليءَ ۾ كتاب ڇپائڻ لاءِ تيار كون آهي . سئو ٻہ سئو كتاب اُهي ادارا كون ڇپائيندا، اُهي هزار جي تعداد ۾ ڇپائيندا آهن ،پر جي كو وٺڻ وارو كون هوندو تہ ڇپجندا بہ كون ۽ سنڌي ٻوليءَ جو واڌارو بہ كون ٿيندو. ان طرح اُن جو واهپو (استعمال ) بہ گهٽ ٿيندو ويندو ۽ ٻوليءَ پٺتي پوندي . جڏهن بہ كنهن قوم كي ختم كرڻو هوندو آهي تہ، پهرين اُن جي ٻوليءَ تي وار كيو ويندو آهي.ننڊ نہ كر تون نماڻي....جاڳ جاڻي...هيءُ وقت ننڊ جو نہ بلك جستجو كرڻ جو آهي وقت جي تقاضا آهي جاڳوڙ كريون :- تتي ٿڌي كاهہ كانهي ويل وهڻ جي

متان تئي اونداهہ پير نہ لهين پرينءَ جو (شاهہ)

پنهنجي ورثي جي ڄاڻ كان اڻڄاڻ، اڄ جو ٻار سياڻي جي آئيندي جو ابو ايندڙ پيڙهيءَ تائين ڀلا پيغام كيئن پهچائي سگهندو؟ ٻيو وڏو خطرو آدمشماريءَ ۾ جڏهن سروي كرڻ وارا اچن ٿا تڏهن كيترا كٽمب ،مرد توڙي زالون پنهنجي( ماتر ڀاشا)مادري زبان هندي لكرائين ٿا.ان ڏس ۾ گهر ڏياٽي ۽ ٻارن كي خاص طور سُجاڳ كرڻ گهرجي تہ اُهي پنهنجي مادري زبان سنڌي لكائين جو اڳتي هلي كري ان سان وڏو فرق پئجي ويندو.

كتاب ۽ اخبارون خريد كري پڙهون مفت حاصل كرڻ واري كلچر وڏو نقصان رسايو آهي.عربي سنڌ يءَ ۾ كي معياري اخبارون معفرينسنكرن پيون جهڙوك كونج،سپون،رچنا،هند واسي عربي سنڌيءَ ۾ روزانو هندو اخبار ممبئي ،اجمير۽ احمدآبادمان نكرن ٿيون،زندگي سماچار كن ٻين هندان بہ اخبارون نكرن ٿيون، ديوناگري ۽ هنديءَ ۾ كي رسالا ۽ اخبارون نكرن پيون جن ۾ سنڌي كهاڻيون،شاعري مضمون وغيرن ترجمو كري ڏنا وڃن ٿا.جيكو اسان جو جهونو ساهتيہ آهي سٺ سالن بعد بہ اُن جو ديوناگريءَ ۾ ليپانتر كون كيو ويو اگرين تي ڳڻڻ جيترا كتاب آندا ويا آهن. سٺ سالن جي عرصي گذرڻ بعد بہ اجان ديوناگريءَ كي اسٽينبرائيز كرڻ لاءِ ميٽنگون ٿين پيون.مئنارٽي لئنگويسٽك كميشن ٻن سنڌين جي اچڻ واري عرصي دوران بہ كو فرق نظر نہ آيو.اين.سي.پي.ايس.ايل ۽ كي ٻيون خانگي تنظيمون سنڌي كلاس هلائين ٿيون پر اُنهن جو تعداد ٿورو آهيءَ

سينٽرل ساهتيہ اكادمي هر سال معياري ادب تي لك روپئي جو انعام ڏيندي آهي انكانعلاوه ترجمي۽ٻاراٽي ادب تي پنجاهہ پنجاهہ هزار تنهنكانسواءِ اين.سي.پي.ايس.ايل بہ كتابن تي انعام ڏيندي آهي. ٻوليءَ كي همٿائڻ لاءِ اهو قدم ضروري بہ آهي پر وڌائڻ

جي ناءُ تي ڏنڊو انڪي سختيءَ سان روڪجي. پهرين ڪتاب ڇپائڻ لاءِ ٽيهه چاليهه هزار وري ،سرڪار بلڪ پرچيز (ٿوڪ خريد) ۾ ١٥٠ ڪاپيون خريد ڪري،مٿان وري پنجاهه هزار انعام حاصل ڪرڻ جي هوڙ جنهن ڪري ٻوليءَ جي واڌاري ۽ معيار کي ڌڪ رسي ٿو.ڪتاب پڙهڻ يا خريد ڪرڻ کان وڌيڪ ڇپجڻ پيا.ٻيو ادارن طرفان فنڪشنن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مفت بسون ۽گاڏي جا پئڪيٽ وراهڻ واري نقصانڪار روايت هڪ دم بند ڪرڻ گهرجي. آڱرين تي ڳڻڻ جيترا پل پنهنجي هڙان تڙان پاڙو خرچ ڪري اچي سنڌيت جي هلچل ۽ ادبي سيمينارن ۾ شامل ٿين ائين آهستي آهستي قافلو وڌندو. اين،آر،اي سنڌي وڏي تعداد ۾ مندرن آستانن ۽ چئرٽيءَ واري ڪم لاءِ ڊونيشن ڏين پيا.کهڙو ڪارڻ آهي جو سنڌي ٻوليءَ جي واڌاريءَ ترقيءَ جو چاهه رکندڙ انهن کي ان طرف ڇڪي ڇون سگهيا آهن.مختلف ڌارمڪ آستانن ۽ روحاني رهبرن کي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ عرض ڪجي ته اُهي پنهنجي پوءِ لڳن تي سنڌي ٻولي سکڻ پڙهڻ ۽ ڳالاهڻ لاءِ ڪين همٿائين.حالانڪ اُهي خود پنهنجو لٽريچر هندي انگريزي ۽ مڪاني ٻولين ۾ ڇپائي مفت ورهائي رهيا آهن.

انهن سڀني دشوارين جي باوجود نااُميد نه ٿيڻ گهرجي .مان آشا وادي آهيان.بقول شاعر ارجن سڪايل جي :          مان سنڌي، اُها ول آهيان ،

جيڪا،جنهن به وڻ کي وچڙندي،

تنهن کي ،سائو ۽ سرسبز

ڪري ڇڏيندي(ارجن سڪايل)

پنهنجي ضمير کي جاڳائڻو آهي.ٻاهرين مُلڪن ۾ ويندڙ سنڌي ڪاروبار جي لحاظ کان هر زبان جلد سکي ٿا وٺن،اهڙي حالت ۾ هتي پنهنجي مادري زبان سکڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو بشرطيڪ ارادا نيڪ هجن.ڪڏهن ڪڏهن معجزا به ٿيندا آهن.٢١ صديءَ ۾ جيڪو اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ انقلاب آندو آهي اُهو اسان لاءِ نعمت بڻجي آيو آهي.انٽرنيٽ،فيسبُڪ ۽ سوشل ميڊيا جو ٻوليءَ جي پرچار پرسار لاءِ استعمال ڪريون. بنسبت پنهنجي شخصي حاصلاتن کي اُجاگر ڪرڻ جي .ڪمپيوٽر تي سنڌي فونٽ جو استعمال ته ڪافي اڳ شروع ٿي چڪو آهي.آئڊيو،ويڊيو،سي.ڊي وغيره ذريعي ٻوليءَ جي پرچار کي هٿي ڏجي،هڪ اڌ مان ڪمُ نه هلندو بلڪ وڏي پئماني تي تحريڪ هلائجي.

توهان جي اڳيان هند ۾ سنڌي ٻوليءَ جي آئيندي بابت ڪجهه حقيقتون ۽ پنهنجي سوچ آهر کي ويچار پيش ڪيا، توهان وقت ڏنو هڪُ دفعو وري اوهان جا لک ٿورا ۽ مهرباني،موڪلاڻي ناهي.

ساٿ سلامت !

وينا شرنگي

*Veena Shringi*
*C-84,Inderpuri -N.Delhi -110012*
*M:09810728440 & 9868377321*

